يهودي کي هريرام ماروازي وياج خور بنايو هئائين. ۽ انٽونيو ايماندار واپاريءَ کي لالا منسکلعل ۾ ڦيرايو هئائين. هن ناٽڪ ۾ سيرت جو مسئلو اهو رکيل هو تہ وياج خور جي پٽسي جي پوڄا سندس تباهي تي آئي ۽ عاشق دلدار (بسانيو) جي ادار دلي کيس سپائي ۽ بردبار معشوقه حسنا (پورشا) سان ميلاپ تي ڪرائي. اهو ناٽڪ سنڌ ڪاليج منڊلي ڪاميابي سان اسٽيج تي آندو هو، جنهن ۾ هريرام ماروازي جو پارٽ جوتسنگ آڏواڻي نهايت اثرائتو ادا ڪيو هو. ۽ هو صاحب ان زماني جو بهترين مذاقي ائڪٽر ۽ هدايتڪار هوندو هو. ڪي سال پوءِ ساڳيو ناٽڪ وري ڏيکاريو ويو. جنهن ۾ هڪ ڪاليجي جوان ايچ. بي. آڏواڻيءَ اهو شائلاڪ جو پارٽ اهڙيءَ ترنياڪيءَ ۽ بي رحميءَ سان ڪيو هو، جو ڪاليج جي پرنسپال ڊاڪٽر جئڪسن سندس پيٺ هڪ انگريزي ائڪٽر سان ڪئي هئي. ۽ ڏيوان ديارام گدومل. جو سوسائٽيءَ جو ڪائونسلر هوندو هو. تنهن اسٽيج تي اچي کيس مبارڪون ڏنيون هيون. پوءِ تہ سگهوئي "ايچ. بي. آڏواڻي" مسخريءَ جا پارٽ ڪماليت سان ڪرڻ لاءِ مشهور تي ويو ۽ سنڌ اسٽيج جو بهترين هدايتڪار (Director) ۽ پيشڪار (Producer) بڻ بنجي پيو.

شيڪسپئر جو دردناڪ شاهڪار (King Lear) بيون ناٽڪ هو جو مرزا قليچ بيگ "شاهہ ايليا" نالي سان 1900ع ۾ سنڌي ۾ آندو هو. ان ۾ سيرت جي هيٺائي اها چئيل هئي تہ ڪيئن هڪ عاليشان، پر ضعيف- طبع بادشاهہ پنهنجين ٻہ چاپڙين ڌيئن جي خوشامد تي پنيلجي، پنهنجي سموري ملڪيت کين ۽ سندن لوپي مڙسن کي ارپي ڇوڙي. پر اندر جي سچيار ۽ سچ چئي ڏيندڙ ننڍي ڌيءَ ڪارڊيليا کي ڪاري ڪوڏي بہ ڪانہ ٿو ڏئي. پر هن ناٽڪ جو ترجمو مرزا صاحب اهڙو تہ اکري پابنديءَ وارو ڪيو هو. ۽ ڪردار ۽ شهرن جا نالا ڦيرائي مڪاني ڪرڻ اهڙو ان نهڪندڙ هو، جو ناظرين کي اهو ناٽڪ دل سان ئي کين لڳو هو. خاص ڪري ڌيئن جي ڌڪانيل بادشاهہ جون دردناڪ زبانيون، چريائيءَ جي حالت ۾، ۽ وفادار

ڪانپور سوسائٽيءَ ڪئي سميٽيو پيو، ۽ آءٌ پنهنجي عهدي جي ايام ۾ ڪا ڪارروائي ڪري ڪانہ سگهيس.

مرزا قليچ جو "جمشيد حميده" 1918ع ۾ لکيو ويو. جو شيڪسپيئر جي ڪنهن نامعلوم ناٽڪ جو الٽو هو، ۽ منهنجي ڄاڻ موجب نڪي ڇپايو ويو، نڪي اسٽيج تي آندو ويو. اهو ناٽڪ ۽ ٻيا بہ مرزا صاحب جا ڪي مڪيہ ناٽڪ "سنڌي ادبي بورڊ" وارن حيدرآباد سنڌ مان ٻيهر ڇپائي پڌرا ڪيا آهن، جو هي ناياب ٿي ويا هئا.